هيٺ لهي آيس. ماءُ جي پرسان وڃي ويٺيس. سندس ململ جو وڳو ڇڪي پنهنجي منهن تي ڪڻي رکيم.

”اڄ تون روئين پيئي ڇا پڳلي نياڻي وڃي سکي ٿي. ويچاري ماءُ ڪانسواءِ چني چوري ٿي پوي ها، ڪير مگڻيس ها، ڪير پرڻيس ها گهر ۾ هئي ته ڪوڙي ڪوڏيءَ ڪانءُ گوپي ته وريءَ سهڻي آهي سانءَ سندس پرٽيل پيڻ رکي نه ڏير لاءِ ڪٽيس ها ته انجلءَ الاجي کهڙا حال ٿين ها.

اڄ وري زماني ڪانپوءِ هن گيت اهي فرصت جون راتيون ۾ ڏينهن ڳولڻ شروع ڪيا آهن. ان گيت وچڙيل ميت، يادن جي سنسان محلن ۾ آڻي ڪڙا ڪيا آهن...

ڪير ڄاڻي اپ ۾ ڪهڙو تاروبڻي پيئي هوندي منهنجي هري.